ستسنگ

مهاراج چرنسنگهه جي

١

شبد

'من ري ڪيون گمان اب ڪرنا'

(سوامي جي مهاراج)

راڌا سوامي ستسنگ بياس (پنجاب)

باڻي حضور سوامي جي مهاراج

چتاوني ڀاڱو پهريون

وچن پندرهون - شبد پندرهون

من ري ڪيون گمان اب ڪرنا - ٽيڪ

تن تو تيرا خاڪ مليگا
چوراسي جا پڙنا.

دين غريبي چت پر ڌرنا
ڪام ڪروڌ سي بچنا.

پريت پرتيت گوروڪي ڪرنا
نام رساين گهٽ پر جرنا.

من مائين ڪي ڪهي نه چلنا
گورو ڪا بچن هِئي بچ رکنا.

يه متمند گهي نهين سرنا
لوڀ بڙهايه اُدر ڪو ڀرنا.

تم مانو مت اِس ڪا ڪهنا
اِسڪي سنگه جگت بِچ گِرنا.

اِس مورکه ڪو سمجهه پڪڙنا
گوروڪي چرن ڪڀي نه بِسرنا.

گورو ڪا روپ نين پر ڌرنا
سرت شبد سي نڀ پر چڙهنا.

راڌا سوامي نام سمرنا
جو وهه ڪهين چت پر ڌرنا.

گورو نانڪ صاحب جن اُپديش ڪن ٿا:

"لک چوراسي جون سڀائي مانس ڪو پرڀ دئي وڏيائي،
اِس پوڙي تي جو نر چوڪي سو آئي جائي دک پائيدا."

پرماتما ساري دنيا جي رچنا ڪري انهيءَ کي چوراسي لک جوٽين ۾ تقسيم ڪيو آهي. وڏيائي ڪنهن کي بخشي آهي؟ انسان جي جامي کي وڏيائي بخشي آهي. ڪهڙي وڏيائي بخشي آهي؟ اِها ته هي ڏاڪڻ جو آخرين ڏاڪو آهي. جي پير ٿڙڪيو ته هيٺ اچي ڪرنداسين ۽ جي مالڪ جي ڀڳتي ڪري مالڪ سان وصال ڪنداسين ته هو اسانکي پاڻ سان ملائيندو ۽ پوءِ وڇوڙو نه ٿيندو. جي اسين پرماتما کي وساري من جي تابع ٿي رات ڏينهن برا ۽ کوٽا ڪرم ڪندا رهنداسين ته انهيءَ ڏاڪڻ تان هيٺ ڪري پونداسين يعني انساني جامي مان ڪري نرڪن ۽ چوراسيءَ ۾ وينداسين جتان اڳيئي وڏي مشڪلات سان ڇوٽڪارو ٿيو آهي. چوٿين پاتشاهي سمجهائين ٿا.

"ڪائيا نگر نگر ههٔ نيڪو وچ سودا هر رس ليجي."

يعني اسانجي ديهه هڪ خوبصورت شهر آهي، ڇاڪاڻ ته اُنهيءَ ۾ ويهي اسين نام جو وکر خريد ڪري سگهون ٿا. ٻيو ڪو اهڙو جامو آهي ئي ڪو نه جنهن ۾ اهو سودو ڪري سگهون. هي شرير نام جو دڪان آهي ۽ هن ديهيءَ ۾ اچڻ جو اهو ئي لاڀ آهي ته اسين نام جو وکر خريد ڪريون، مالڪ جي ڀڳتي ڪريون. پر اسين دنيا جا جيو هن ديهه ۾ ويهي انهيءَ پرماتما کي ڀلائي ٿا ڇڏيون. وشيه وڪارن، شراب ڪبابن مان اسان کي فرصت ئي نٿي ملي. اسين سمجهون ٿا:

"ايهه جڳ مٺا اڳلا ڪن ڏٺا.
"بابر به عيش ڪوش ڪه عالم دوباره نيست."

ستسنگ

من ري ڪيون گمان اب ڪرنا - ٽيڪ
من تو تيرا خاڪ ملي‌گا چؤراسي جا پڙنا.

هيءَ سري حضور سوامي جي مهاراج جن جي باڻي آهي. اسانجي آتما اُن پرماتما جي اَنس آهي، اسين اُنهيءَ سمنڊ جا قطرا آهيون ۽ جيستائين اسان جي آتما واپس وڃي پرماتما سان نه ملندي تيستائين انجو جنم مرڻ جي دکن کان ڪڏهن ۽ ڪنهن به حالت ۾ ڇوٽڪارو نٿو ٿي سگهي. اُنهيءَ واسطي اسان سڀني کي انهيءَ پرماتما جي تلاش آهي. مهاتما سمجهائين ٿا ته هي انساني جامو پرماتما پنهنجي ڀڳتيءَ ۽ پيار جي واسطي بخشيو آهي. چوراسي لک جونيون ڀوڳڻ کانپوءِ پرماتما اهو موقعو اسان کي صرف انهيءَ لاءِ ڏنو آهي ته اسين انهيءَ ديهه ۾ مالڪ جي ڀڳتي ڪري هن ديهه جي قيد مان هميشه واسطي ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهون. هي جيڪي ڪجهه اسين ڏسي رهيا آهيون سو چوراسيءَ جو نهايت وڏو جيلخانو آهي ۽ انهيءَ جيلخاني مان نڪرڻ جو پرماتما صرف هڪڙو ئي دروازو رکيو آهي. اهو ڪهڙو دروازو آهي؟ اهو آهي اِنسان جو جامو. جيڪي اِنسان انهي جامي ۾ روح ۽ من جي ڳنڍ کولين ٿا، سي پنهنجو پاڻ جاڻڻ جي قابل ٿي پون ٿا ۽ پوءِ ئي پرماتما اسان تي ديا مهر ڪري اسان کي پاڻ سان ملائي ٿو. پر جي من جي تابع ٿي اِندرين جي ڀوڳن ۾ ڦاسي رات ڏينهن برا ڪرم ڪندا رهنداسين ته پوءِ انهن سڀني ڪرمن جو نتيجو بار بار چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ اچي ڀوڳڻو پوندو.

ڪبير صاحب اُپديش ڪن ٿا:

"لوٽ سگهي تو لوٽ لي رام نام نت لوٽ،
انت ڪال پڇتائوگي جب تن جائيگا ڇوٽ."

جڏهن آخر هن ديهه کي ڇڏڻو پوي ٿو تڏهن پڇتائڻو پوي ٿو ته اسان ڇا ڪنو ڪيو؟ ان وقت ڪهڙي چيز اسان جو ساٿ ڏيندي؟ جنکي سڄي عمر پنهنجو پنهنجو ڪوٺيوسين تنکي هڪ سيڪنڊ ۾ ڇڏي الڳ ٿيڻو پيو. اهڙي طرح ڪبير صاحب فرمائين ٿا:-

"يهه تن هئه ڪاغذ ڪي پڙيا، بوند پرت گل جائوگي.
ڪهت ڪبير سنو ڀائي سادو اِڪ نام بنا پڇتائوگي."

جهڙي طرح ڪاغذ جي پڙيءَ تي جيڪڏهن پاڻي پوندو آهي ته ڪاغذ ڳري ويندو آهي، اهڙيءَ طرح اسانجي ديهه به اگنيءَ يا مٽيءَ جي سپرد ٿي ڳري ويندي ۽ آخر موت وقت پڇتائڻو پوندو ته اسان پنهنجي قيمتي وقت کي خواهه مخواهه ضايع ڪري ڇڏيو. گورو نانڪ صاحب جن اُپديش ڪن ٿا:

"بن ناوي ڪو سنگ نه ساٿي مڪتي نام ڌياونيا."

ڀائي! نام ڪانسواءِ ڪو به توهانجي سهائتا نه ڪندو، ڪو به توهانجي مدد ڪو نه ڪندو. توهين ڪهڙي شيءِ جو هٺ ٿا ڪريو، ڪهڙي شيءِ جو اَهنڪار ٿا ڪريو؟ اُها ڪهڙي شيءِ آهي جا اسان جي پنهنجي ٿي سگهي ٿي، جنهن ڪسي پنهنجو بڻائي اسانکي پرماتما سان ملڻو آهي؟ انهيءَ چيز کي نه ڀلائي وينا آهيون، انهيءَ طرف اسان جو خيال ۽ توج ئي ڪونهي. جنهن جو سنبنڌ ۽ تعلق اسان جي ديهه سان آهي انهيءَ کي سڄي عمر پنهنجو پنهنجو ڪوٺيون ٿا ۽ انهيءَ کي پنهنجو بنائڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهون ٿا. مهاتما اسانکي

شايد پرماتما اسان کي ھي انسان جو جامو عيش عشرت
۽ دنيا جي ڌنڌن ۽ ڪاروبار واسطي بخشيو آھي. اسين
اھڙو ته اندرين جي ڀوڳن ۾ ڦاسي ٿا وڃون جو ڀيو نه ڇڏيو
پر پنھنجي موت کي به وساري وھون ٿا. ڏسو ويٺا ته اسان
جا ساٿي ڪھڙيءَ طرح ڪوچ ڪندا ٿا وڃن. انھن سان
گڏجي وڃي ڪين شمشان ڀوميءَ ۾ ڇڏي به ٿا اچون پر
اسان جي دل ۾ اھو ويچار پيدا نٿو ٿئي ته ھڪ ڏينھن اسان
کي به ان گھاٽيءَ تي پھچڻو آھي. اسين ائين سمجھي ويٺا
آھيون ته شايد موت ٻين جي واسطي آھي، اسانجي واسطي
ته عيش عشرت، دنيا جا ڪم ڪاريون ۽ ڌنڌا آھن.
سوامي جي مھاراج جن اسانکي انھيءَ غفلت جي ننڊ مان
بيدار ڪن ٿا. فرمائين ٿا ته ڀائي! انھيءَ ڳالھ کي چڱي طرح
سوچ ۽ دنيا کي اکين جي سامھون رکي ڏس. موت ڪان پوءِ
تنھنجا سڀ يار دوست، ڀائر ڀينر ڪنا ٿيندا ۽ توکي شمشان
ڀوميءَ ۾ ڪٽي ويندا ۽ جنھن ديھ جو تون اھڙو گھمنڊ ڪرين
ٿو، جنھن تي توکي اھڙو ناز آھي، تنھنکي يا اگنيءَ جي سپرد
ڪندا يا مٽيءَ ۾ دفن ڪندا ۽ جھڙيءَ طرح ماڻھن جي
مٽي اسان جي پيرن جي ھيٺان اچي لتاڙجي رھي آھي
اھڙيءَ طرح اسان جي مٽي ٻين جي پيرن ھيٺان لتاڙبي.
جي اسان جي اھا دردشا ٿيڻي آھي ته پوءِ ھٿ ڇا جو ٿا
ڪريون؟ ڇا جوانيءَ جو غرور ڪريون ٿا؟ ڪڏھن ڪنھنجو
ٻڍاپو ڪونه ڏٺو اٿئون؟ ڌن دولت جو غرور ٿا ڪريون؟ ڇا
ڪڏھن ڪنگالن کي رستن تي ٺوڪرون کائيندو نه ڏٺو
اٿئون؟ صحت جو غرور آھي؟ ڪڏھن اسپتالن ۾ مريضن
جون چيخون ڪونه ٻڌيون اٿئون؟ انھيءَ لاءِ پيار سان
سمجھائين ٿا ته اھنڪار نه ڪرڻ کپي.

ڏس ڏمريءَ وانگر اسان سڀني کي هٿڪڙي لڳل ٿي رهي ٿي. اسين چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ قائل ٿي رهون ٿا.

ڏين غريبي ڇٽڻ ۾ ڏرنا، ڪام ڪروڌ سي بچڻا.

هاڻي سوامي جي مهاراج جن اسانجي حالت ڏسي صرف افسوس ٿي نٿا ڪن، رڳو ترس کونه ٿا کائين پر اسان کي هن جيلخاني مان نڪرڻ جو ساڌن ۽ طريقو به ٻڌائين ٿا. فرمائين ٿا ته سڀ کان پهرين ڪام ۽ ڪروڌ کان بچڻو آهي. اهي ٻه اهڙيون زبردست طاقتون آهن جن جي اثر تي اسين اهڙا برا ۽ کوٽا ڪرم ڪري ٿا وهون جن جو نتيجو ڀوڳڻ لاءِ جنم جنمانترن جي چڪر ۾ پئجي ٿا وڃون. ڪام ۾ ڦاسي اسان جي آتما اکين کان هيٺ ڪري ٿي ۽ ڪروڌ جي حالت ۾ اسان جو خيال ٻاهر ڦاٽجي ٿو وڃي پر جيستائين اسين پنهنجي خيال کي واپس آڻي اکين جي پويان ڪٺو نه ڪنداسين تيستائين اسين پنهنجي گهر جي طرف هلي نه سگهنداسين. جيسين اسانجو خيال ڪام ڪروڌ ۾ ڦاٿل آهي تيسين اسين پنهنجي خيال کي اکيءَ نقطي تي ڪٺو ڪري ٿي نه سگهنداسين جتان اسان کي پنهنجي اصلي گهر طرف سفر شروع ڪرڻو آهي. توهين ڏسو ٿا ته ڪام جي زير اثر اولاد زياده پيدا ٿيو پوي، ٻار رت ست چوسين ٿا، ڪمائي ٿئي نٿي، سڄو ڏينهن من دکي ٿو رهي ۽ ڪڏهن اهڙيون خطرناڪ بيماريون اچي ورائين ٿيون جن جو علاج ڪرائيندي سڄي ڄمار لڳيو وڃي. ڪروڌ ۾ اچي اسين هڪٻئي جي جان وٺڻ لاءِ تيار ٿي وڃون ٿا ۽ پوءِ جيلخاني ۾ وڃي چڪيون هلائڻيون پون ٿيون يا ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهڻو پوي ٿو. پوءِ پڇتايون ٿا، ان وقت اسان جي پڪار ۽ فرياد ڪير ٿو ٻڌي؟ انهيءَ لاءِ مهاتما سمجهائين ٿا ته ڪام ڪروڌ کان هميشه بچڻ کپي.

انهيءَ غفلت جي ننڊ مان جاڳائين ٿا ۽ سمجهائين ٿا تہ پائي! انهيءَ وقت کي اکين جي آڏو رکي ڏس. دنيا شرابر جو ايڏو هٽ ڇو ٿو ڪرين؟ هيءَ تہ ڪرائي جو مڪان آهي، ڪال جو پهرو آهي. ڪنهن کي چاليهہ پنجاهہ سالن لاءِ مليو آهي تہ ڪنهن کي اَسي نوي سالن لاءِ. جڏهن اسانجي سواسن جو پندار ختم ٿئي ٿو تہ اسان سڀني کي هن دنيا کي هٽي ڏي ڇڏي وڃڻو پوي ٿو. ڪبير صاحب فرمائين ٿا:

”لڪڙي ڪهي لوهار ڪو، تو ڪيا جاري مو،
اِڪ دن ايسا آئيگا، مئن جارونگي تو.“

لوهار لڪڙيءَ کي جلائي ڪوئلا بڻائيندو آهي پر لڪڙي لوهار کي چوي ٿي تہ ڪڏهن ان وقت جي باري ۾ بہ سوچيو اٿيئي جڏهن مان توکي پنهنجي اندر ملائي تنهنجا بہ ڪوئلا بڻائي ڇڏيندس. وري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا:

”ماٽي ڪهي ڪمهار ڪو، تو ڪيا روندي مو،
اِڪ دن ايسا هوئيگا، مئن روندوگي تو.“

ڪنڀار مٽيءَ کي ڳوهي ڳوهي ان جا برتڻ ٺاهيندو آهي پر مٽي ڪيس چوندي تہ ڪڏهن انهيءَ وقت جي باري ۾ پڻ سوچڻ جي ڪوشش ڪر تہ مان بہ توکي پنهنجي اندر ائين ڳوهيندس. اهڙيءَ طرح مهاتما ڪولي سمجهائين ٿا تہ جڏهن آخري وقت اچي ٿو تہ اسانکي ڌرمراءِ وٽ وڃڻو پوي ٿو ۽ اسانجي خواهشن، ترشنائن ۽ ڪرمن موجب جتي هو مناسب سمجهي ٿو اُتي وڃي اسانکي جنم وٺڻو پوي ٿو. هڪ دنيا جي قيد مان ڇوٽڪارو ٿئي ئي نٿو تہ ٻيءَ دنيا جو پهرو اڳي ئي اسان جي لاءِ تيار رهي ٿو. ان ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي موت اکين جي سامهون نچڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي.

"لالا گولا" ڪونين ٿا. حضور مهاراج جن پنهنجي لاءِ گهڙا نہ نمرتا ڀريل لفظ استعمال ڪندا هئا! مهاتما اسانکي زندگيءَ ۾ مثال ٻڌڻي ڏيکارين ٿا تہ من ۾ ڪيتري نمرتا هئڻ گهرجي، ڪيتري عاجزي هئڻ گهرجي. اهڙي طرح ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا:

"برا جو ديکن مين چلا برا نہ مليا ڪوءِ،
جو دل کوجہ آپنا مجهہ سا برا نہ هوءِ."

جڏهن پنهنجي اندر کوج ڪبير تہ ڀتو پيو تہ دنيا ۾ مون کان وڌيڪ ڀيو برو ڪونهي. وڌيڪ فرمائين ٿا:

"ڪبير سب تي هم بري هم تي پل سب ڪوءِ،
جن اُسا ڪر بوجهيا متر همارا سوءِ."

جو پاڻکي برو سمجهندو سوئي پنهنجي نقص ڪي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو. جيڪو ٻين کي خراب ۽ پاڻکي نيڪ سمجهي ٿو انهيءَ جا عيب پاڻ وڌندا وڃن ٿا. جيتري اسان جي من ۾ نمرتا ۽ عاجزي هوندي اوترو ئي وڌيڪ خيال مالڪ جي پيٽيءَ طرف ويندو. مهاتمائن انهيءَ لاءِ تن، ڌن ۽ من جي شيوا رکي آهي تہ من ۾ نمرتا ۽ عاجزي قائم رهي. جڏهن شرير سان ساڌ سنگت جي شيوا ڪريون ٿا تہ اسان جي دل مان خودي ۽ اهنڪار نڪري وڃن ٿا. ڌن دولت جو اهنڪار جو اسانکي هڪ ٻئي سان گڏجي وهڻ ئي نٿو ڏئي، هڪ ٻئي سان ملي هلڻ نٿو ڏئي، سو جڏهن اسين ساڌ سنگت جي شيوا ڪريون ٿا تہ اسان جي اندران نڪري وڃي ٿو. مهاتمائن تن جي شيوا انهيءَ ڪري رکي آهي تہ جنهن تن جي ذريعي اسين اهترو مان وڏائيءَ ۾ ڦاٿل رهون ٿا تنهن سان اسان جو موهہ ٽٽي وڃي، ان سان اسان جو پيار نہ رهي ۽ اسين ساڌ سنگت جي شيوا ۾ لڳي

ڪبير صاحب جن اُپديش ڪن ٿا:

"ڪامي ڪروڌي لالچي ان سي ڀڳتي نه هوءِ،
ڀڳتي ڪري ڪوئي سورما جات ورن ڪل کوءِ."

ڪامي، ڪروڌي، لالچي ڪڏهن به پرماتما جي ڀڳتي ڪري نٿا سگهن. ڪو سورمو بهادر ئي پنهنجو خيال اُنهن مان هٽائي ٿو ۽ انهيءَ جو ئي خيال پرماتما جي ڀڳتيءَ طرف وڃي سگهي ٿو. ڪبير صاحب جن وري کولي ٿا سمجهائين:

"جهان ڪام تهان نام نهين، جهان نام نهين ڪام."

جتي ڪام آهي اُتي نام ڪيئن اچي سگهندو ۽ جنهنجي دل ۾ نام وسي ٿو وڃي اُتي ڪام ڪيئن ٽڪي سگهندو؟ انهيءَ ڪري اسانکي انهن پنجهي وڪارن کي قابوءَ ۾ رکڻ کپي انهيءَ لاءِ ته اسين نام جي ڪمائي ڪري سگهون ۽ مالڪ جي ميلاپ جي راهه تي هلي سگهون.

ٻي نصيحت جا سوامي جن پيش ڪن ٿا سا آهي ته من ۾ هميشهه نمرتا ۽ عاجزي رکڻ کپي. آخر اسين غرور ۽ اُهنڪار ڪهڙي چيز جو ٿا ڪريون! اسان وٽ اهي چيزون ڪو انوکيون ڪونهن. اهي ته سڀني دنيادارن وٽ آهن. پرماتما جيترو وڌيڪ اسانکي ڏئي اوترو وڌيڪ اسانجي اندر حليمي ۽ عاجزي اچڻ کپي. ڏسو پاڻي هميشهه هيٺائينءَ ڏانهن وهندو آهي. اسين اجايو اُهنڪار ۾ ڦاسي پاڻکي وڏو سمجهون ٿا. سنتن مهاتمائن خاص ڪري گورو نانڪ جن جي ٻاڻي پڙهي ڏسو. فرمائين ٿا:

"ڪهه نانڪ هم نيچ ڪرما،
سرن پري ڪي راکو سرما."

پاڻکي "نيچ ڪرما" سڏين ٿا، "داسن داس" ۽

اسان کي انجنيرن تي ڀروسو آهي ته هنن اهڙا هوائي جهاز ٺاهيا آهن جن مان اسان کي جان جو ڪو به جوکو ناهي. جهڙيءَ ريت شاهي سڙڪ (G. T. Road) سڌي دهليءَ وڃي ٿي، اسين پنهنجي ڪار ان تان ڊوڙائيندا ٿا وڃون، اسان کي انجنيرن تي ڀروسو آهي ته رستي ۾ جيتريون به نديون آهن انهن تي پليون چڱيءَ ريت مضبوطيءَ سان ٻڌل آهن، اسانجي دل ذرو به نٿي ڊڄي. اهڙيءَ ريت جيسين اسان کي ڀروسو نٿو ٿئي تيسين اسانجو خيال پڪيءَ طرف نٿو وڃي. جيڪڏهن من ۾ ٿورو ئي ڀرم اچي وڃي ٿو يا جڏهن ڪو سنڪلپ اُٿي ٿو يا ڪو ٻيو وهم پيدا ٿئي ٿو ته من مالڪ جي پڪيءَ ڪرڻ ئي ڇڏي ٿو ڏئي. انهيءَ لاءِ سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا ته گرمکن سان پريت ڪرڻ گهرجي. اسين مهاتمائن جي ٻاڻي انهيءَ لاءِ پڙهون ٿا ته اسان جي من ۾ مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار قائم رهي، انهن جي اسان کي سک رهي ۽ سندن هدايت مطابق اسانجو خيال شبد جي ڪمائيءَ طرف لڳو رهي. جڏهن اسين پريت ۽ پرتيت سان نام جي ڪمائي ڪريون ٿا ته سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا ته ان مالڪ جي بخشش کي پنهنجي اندر هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. انهيءَ کي ڪوڏين وانگر ڪڙڪائڻو ناهي، لوڪن کي پت ڏيکارڻ نه ڏيکيون آهن. جيڪي ڪجهه پرماتما ڏنو آهي، اهنڪار ۾ ڀرجي اهو وڃائي نه ڇڏڻو آهي. جيترو اُن دولت کي سانڍي رکنداسين اوترو ئي پرماتما اسان تي پنهنجي بخشش ۽ ديا مهر ڪندو. جيڪڏهن پت ڪمائي ڪري اها سنڀالي رکي ٿو ته پتا خوش ٿي هن کي ٻي دولت ڏيئي ٿو ڇڏي. ليڪن جو پت ڪمائي نٿو ڪري، پيءُ جي جائداد کي اُجاڙي ٿو ته پيءُ هن کي ڪجهه به نٿو ڏئي. جيسين لائق

وچون. من جي شيوا جو مطلب آهي من کي اندرين جي يوڳن ڏانهن وڃڻ کان روڪڻ، وشيه وڪارن شرابن ڪبابن کان هٽائڻ. تن، من ۽ ڌن جي شيوا مهاتمائن انهيءَ ڪري رکي آهي ته اسين سرت شبد جي شيوا ڪري سگهون، اسانجي من ۾ نمرتا ۽ عاجزي اچي ۽ اسان جي سرت ان شبد ۾ نام ڏي پڪڙي. مهاتمائن سرت شبد جي شيوا کي اوچي ۽ سچي شيوا ڪوٺيو آهي، انهيءَ ڪري سوامي جن فرمائين ٿا ته ڀائي! مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪام ڪرود ڇڏي ڏجي، من ۾ ديئنتا ۽ نمرتا رکڻ کپي، انهيءَ لاءِ ته اسين پرماتما جي ڀڳتيءَ جي لائق ٿي سگهون.

پريت پرتيت گوروڪي ڪرنا
نام رساين گهٽ ۾ جرنا.

هاڻي فرمائين ٿا ته گورمکن سان پريت ڪرڻ کپي، انهن تي پرتيت رکڻ کپي. جڏهن هنن جي پريت جي وس ٿي مالڪ جي ڀڳتي ڪجي، نام جي ڪمائي ڪجي ته انهيءَ رساين کي پنهنجي اندر جذب ۽ هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي. جيسيتائين گورمکن سان پيار نه هوندو تيسيتائين من ۾ پريت نه اچي سگهندي. توهين ڏسو، جن مترن ۽ پيارن سان اسانجو پيار هوندو آهي انهن تي اسين ڪيڏو وشواس ۽ ڀروسو رکندا آهيون. هزارن لکن رپين جو واپار انهن جي اعتبار تي ڪريون ٿا. جڏهن ڪو دک ۽ تڪليف اچي ٿي ته انهنجي راءِ به وٺندا آهيون ۽ سمجهندا آهيون ته جيڪا راءِ هو ڏيندا سا اسانجي فائدي جي واسطي ڏيندا. اسين انهيءَ راءِ تي عمل ڪرڻ جي به ڪوشش ڪندا آهيون. دنيا ۾ به ڏسو ته ڀروسي ۽ وشواس بنا هلڻ ڪيڏو مشڪل آهي. اسين روز هوائي جهازن ۾ سفر ڪريون ٿا ڇاڪاڻ ته

جيڪڏهن ڪنهن غريب جي جهوپڙيءَ ۾ هاٿي هليو وڃي ته جهوپڙي ضرور ڊهندي. جيڪڏهن اُن پونجيءَ کي سنڀالي نه رکنداسين ته اها ضرور ضايع ٿي ويندي. اُن دولت جو مطلب آهي شبد يا نام جي ڪمائي.

اهو نام ڪو لفظ ناهي. هيءَ اها شڪتي آهي جنهن ساري رچنا پيدا ڪئي آهي، جنهنجي آڌار تي سڀ کنڊ برهمنڊ بيٺا آهن. هيءَ اها طاقت آهي جا اسان سيني جي اندر گونجار ڪري رهي آهي. جڏهن اسين پنهنجي خيال کي نون دوارن مان ڪڍي اکين جي پٺيان ڪٺو ڪنداسين تڏهن سرت کي شبد يا نام سان جوڙي سگهنداسين. جسم اندر اسانجي سوچ جو جيڪو مرڪز آهي سو اسانجي اکين جي پٺيان آهي، جتان اسانجو خيال هيٺ ٿو ڪري. اسانجون ٻه اکيون، ٻه ڪن آهن، ٻه ناسڪائون، هڪ وات ۽ ٻه هيٺيون اندريون جا سوراخ آهن. اُنهن نون دوارن ذريعي اسانجو خيال ساري دنيا ۾ ڦهلجي ٿو وڃي. اسان کي اُن خيال کي واپس آڻي وري ان نقطي تي ڪٺو ڪرڻو آهي. نين پاتشاهي سمجهائين ٿا:

"نو در ٺاڪي ڌاوت رهائي دسوين نج گهر واسا پائي،
اوٿي انهد سبد وڄي دن راتي گورمتي سبد سڻاوڻيا."

جڏهن توهين نون دوارن مان خيال ڪڍي انکي اکين جي پويان "تيسري تل" ۾ ڪٺو ڪندا، جو توهانجي اصلي گهر جو دروازو آهي، ته توهان کي خود بخود سمجهه ايندي ته ان نقطي تي مٺي کان مٺو، سريلي کان سريلو آواز جو مالڪ جي درگاهه مان اچي رهيو آهي، اسان سيني جي اندر گونجار پيو ڪري. اُتي ڪنهن به قوم جو سوال ڪونهي، ڪنهن به مذهب جو سوال ناهي، نڪي ڪنهن ملڪ جو سوال آهي. توهين هندو ٿي اندر وڃو، سک عيسائي ٿي

ٿو ٻڌجي ليکين پٽا ھن جي حوالي ڪا بہ شيءِ ٿو ڪري. ان لاءِ سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن مالڪ کي بخشيش ۽ ديا ڪرڻي آهي تہ هو ضرور بخشيش ۽ ديا ڪري ٿو پر اسان کي اها هضم ڪرڻ جي لائق ٻڻجڻ کپي. اهو ئي اُپديش گورو نانڪ صاحب جن ڏين ٿا:

"پارکيا وت سنڀال ليءِ مل گسور سوجهي هوئي."

جن کي ان شيءِ جي پرک هوندي آهي، جن کي ان جو قدر هوندو آهي سي اُها دولت ڪٺي ڪندا آهن ڇا آهستي وڏي وڏي موڙي ٻڌجي پوندي آهي. جيڪي اسين ڏينهن جو ڪمائيندا سين ۽ شام جو ضايع ڪري ڇڏينداسين تہ اسانجي سڀ محنت فضول هلي ويندي. ان لاءِ مهاتما سمجهائين ٿا تہ لوڪن جي مان ۽ وڏائيءَ ۾ اچي ٻيا متا ٽيڪائي جو ڪجهہ پرماتما ڏنو آهي، اهو ضايع نہ ڪرڻ کپي. من ۾ نمرتا ۽ نهٺائي رکڻ جڳائي ان لاءِ تہ ڪو بہ اسان کان اها دولت کسي نہ وٺي. اهو ئي ڪبير صاحب سمجهائين ٿا:

"نام رتن ڌن پاءِ ڪر گانٺي ٻانڌ نہ کول،
نهين پن نهين پارکي نهين گاهڪ نهين مول."

اي ڀائي! نام روپي دولت کي پائي، انهيءَ کي چڱيءَ طرح مضبوط ڪري ٻڌي ڇڏي جيئن ان جي ٻاڦ بہ ٻاهر نہ نڪري. وڌيڪ فرمائين ٿا تہ اُن نام جو نہ ڪو آڏڪاري آهي، نہ ڪنهن کي ان جي پرک آهي، نہ ان جو ڪو گراهڪ آهي نہ ڪو ان جي قيمت ڏيڻ وارو آهي. پرماتما جي اها بخشيش اسان لاءِ ئي آهي. ان ڪري جيتري قدر پنهنجي اندر ۾ هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين پرماتما اسان تي اوتري ئي وڌيڪ ديا، ۽ مهر بخشيش ڪندو.

قابل ٿي ٿا سگهون؟ پرماتما جي بخشش يعني اهو شبد ته
اسانجي اندر گونجار ڪري رهيو آهي، اسانکي ان جي
روحاني نظارن کي پنهنجي اندر هضم ڪرڻ جي ڪوشش
ڪرڻ کپي. ان بخشش کي ڪڏهن به ٻاهر ڪيڻ جي ڪوشش
نه ڪرڻ کپي. متان کٿي وڃائي نه ويهون. اسين ڪيترا نه
ڏک ۽ مصيبتون سهي اها دولت حاصل ڪريون ٿا. ڇا لاءِ؟
لوڪن کي پٺ ڏيکارون ڏيڻ لاءِ، يا مان وڏائي حاصل ڪرڻ
لاءِ يا متا ٽيڪائڻ لاءِ؟ نه، اها اسان جي ڀل آهي. جيترو
اسين ان بخشش کي سنڀاليندا سين، اوترو ئي وڌيڪ ديا مهر
بخشش پرماتما اسان تي ڪندو.

من ملين کي کهي نه چلنا،
گورو کا بچن هئي بچ رکنا.

هينئر سڀ ڪجهه بيان ڪري فرمائين ٿا ته من مت ڇڏي
گورمت تي هلڻو آهي. گورمت ڇا آهي؟ پنهنجي خيال کي
واپس موڙي اکين جي پنيان ڪنو ڪري شبد سان جوڙڻ،
نام سان جوڙڻ. جيڪڏهن من جي مت تي هلنداسين ته من
جي تابع ٿي رهنداسين ۽ رات ڏينهن برا ۽ کوٽا ڪرم ڪندا
رهنداسين، جنجو نتيجو ڀوڳڻ لاءِ اسان کي بار بار هن چوراسيءَ
جي چڪر ۾ اچڻو پوندو. برن ڪرمن جو نتيجو هينئر به ڀوڳي
رهيا آهيون. اهڙيءَ طرح وري ڪرم ڪري رهيا آهيون
جن جو نتيجو ڀوڳڻ لاءِ چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ اچڻو پوندو
آهي. گورو نانڪ صاحب هن دنيا کي "ڪرما سنڌڙا کيت"،
"ڪرم ڀومي" ٿا چون. ڇو جو جيڪو ٻج اسين پوکيون
ٿا ان جو ڦل اسان کي ملي ٿو. جيڪڏهن برن ڪرمن جو
ٻج وجهنداسين ته برن ڪرمن جو نتيجو ڀوڳڻ لاءِ ايندا سين،
جي نيڪ ڪرمن جو ٻج وجهنداسين ته چڱن ڪرمن جو ڦل

اندر وڃو، هڪ ئي رستي تان وڃڻو آهي ۽ پنهنجي خيال کي
اُن شبد يا نام سان جوڙڻو آهي. ان شبد کي مختلف مهاتمائن،
مختلف قومن، مذهبن ۽ ملڪن ۾ ويهي مختلف لفظن ذريعي
اسان دنيادارن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. گورو نانڪ
صاحب اُن طاقت جو ڪيترن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. اُنکي
"گرباڻي"، "ڌر جي باڻي"، "امرت باڻي"، "نرمل باڻي"،
"ناد" ۽ "رام" چون ٿا. مطلب ته گورو نانڪ صاحب ڪيترن
لفظن سان ان شبد ۽ نام جي مهما ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
هندو مهاتمائن ويدن شاسترن ۾ اُنکي "رام نام" ڪري بيان
ڪيو آهي، "رام ڌني"، "آڪاش باڻي" ڪري سڏيو آهي.
"نرمل ناد"، "ڌويه ڌني" ڪري سڏيو آهي. مسلمان فقير
ان طاقت کي ڪلمو ٿا چون، بانگ آسماني، ندائي سلطاني يا
ڪلام اِلاهي ٿا ڪوٺين. حضرت عيسيٰ اُن کي Word يا
Logos ڪري بيان ڪيو آهي. اسانجو لفظن سان ڪوئي بحث
مباحثو ناهي. ڪنهن به لفظ ذريعي پنهنجي خيال کي واپس
اکين پٺيان ايڪاگر ڪريون. اسانکي ته پنهنجو خيال سچي
شبد سان جوڙڻو آهي، سچي نام سان جوڙڻو آهي. اهو جيڪو
شبد آهي، انکي نه اکيون ڏسي سگهن، اُن جو نه زبان
بيان تي ڪري سگهي ۽ نه ان کي ڪن ٿا ٻڌي سگهن. حضور
مهاراج جن اُنکي Unwritten Law, Unspoken Language
(اڻ لکيل قانون ۽ اڻ بول باڻي) چئي ان جو بيان ڪندا هئا.
جيڪو سچو شبد آهي سو اکين کان هيٺ نٿو ملي، اُهو اکين
جي پويان شو نيترُ تي رات ڏينهن پيو ڌنڪارون ڏئي. جيسين
اسين اُن نقطي تي خيال ايڪاگر نٿا ڪريون، جتي داتا دان
ڏئي رهيو آهي، جتي امرت روپي نام جي ورکا ٿي رهي
آهي، اوترو عرصو اسين ڪهڙيءَ طرح امرت پيئڻ جي

هنن جي مت تي هلي شبد ۽ نام جي ڪمائي ٿو ڪري اهو هميشه لاءِ ڀوساگر مان پار ٿي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح گورو نانڪ صاحب چڱي طرح سمجهائين ٿا:

”رام نام هيءُ جوت سڀائي، تت گور مت ڪاڍ ليجيءُ.“

ڀائي! رام نام جي جوت توهان سڀني جي اندر اکين جي پويان ٽيسري تل ۾ پيئي ٻري. ليڪن جيستائين گورمکن جي مت تي نه هلنداسين، اسين ڪڏهن به ان جو درشن ڪري نه سگهنداسين ۽ جيسين اُن جوت جو درشن نٿا ڪريون، تيسين ڪڏهن به مڪتي حاصل ڪري نه سگهنداسين. گور مت ڇا آهي؟ گورو صاحب فرمائين ٿا:

”نو دروازي نوي در ڦيڪي،
رس امرت دسوي چوئيجي.“

گورمکن جي سکيا هيءَ آهي ته جيسين اسانجو خيال اکين کان هيٺ آهي، اسين اِندرين جي ڀوڳن ۾ ڦاٿل آهيون، وشيه وڪارن ۽ شرابن ڪبابن جي لذت ۾ ڀٽڪندا رهون ٿا. جڏهن خيال کي نون دوارن مان ڪڍي اکين جي پويان شو نيتر ۾ ڪٺو ڪنداسين ته پتو پوندو ته اُنهيءَ جڳهه تي اسان جي اندر اُن امرت جي ورکا ٿي رهي آهي. جيستائين ان نقطي تي خيال کي ايڪاگر نٿا ڪريون اسين گورمت تي هلڻ جي لائق ڪيئن ٿا بڻجي سگهون؟ گورمت جو مطلب اهو ناهي ته هندوءَ مان سک بڻجون يا ڪنهن خاص قسم جو ڀيک ڌاريون يا پوڄا پاٺ شروع ڪري ڇڏيون. اسين ٻاهرمکي ٿي ويٺا آهيون. گورمت جو مطلب آهي ته اسين گورمکن جي اُپديش مطابق پنهنجي خيال کي نون دوارن مان ڪڍي شبد سان جوڙيون، نام سان جوڙيون. جيسين سرت

ماڻڻ لاءِ ايندا سين. تڪي چڱا ڪرم اسان کي هن دنيا جي
بندن کان آزاد ڪندا تڪي برا ڪرم. جيڪڏهن نيڪ ڪرم
ڪنداسين، تنهنجو اهو نتيجو ٿيندو جو سيٺ شاهوڪار ٻڻجي ايندا سين،
راجا مهاراجا ٻڻجي ايندا سين، قومن، مذهبن، ملڪن جي حڪومت
حاصل ڪنداسون. لوهه جون هٿڪڙيون لهي وينديون، سون
جون زنجيرون پئجي وينديون. سي ڪلاس کان ٻچي، اي
ڪلاس حاصل ڪنداسين. پر سي ڪلاس هجي چاهي اي
ڪلاس، جيل جي اندر سڀني کي قيدي ٿي سو ڪونجي. وڌ ۾
وڌ اسين سرڳن ۽ ويڪنٺن ۾ ٿا وڃون، اهي به ڀوڳ جونيون
آهن، ڪجهه مقرر عرصي لاءِ آهن. اُن معياد پوري ڪرڻ تي
اسانکي ورچي چوراسيءَ جي جيانائي ۾ يا نرڪن ۾ اچڻو پوندو.
مطلب ته من جي تابع نه ٿيڻي چو جو من اسانکي هميشه ڪرمن
جي جار ۾ ڦاسائي ٿو رکي. گورو نانڪ صاحب اُپديش ڪن ٿا:

”ستگورو هي بوهٿا سبد لنگهاوڻهار.“

ان شبد روپي جهاز ۾ چڙهڻو آهي، جنهن جا ملاح گورمک سڄڻ هوندا آهن. گورمک سڄڻ هميشه شبد ۽ نام جو ٻيڙو وٺي ايندا آهن، شبد ۽ نام جوئي هوڪو ڏيندا آهن ۽ واپس شبد ۽ نام ۾ ئي وڃي سمائبا آهن. نائين پاتشاهي ڏاڍو سهڻو مثال ڏيئي سمجهائين ٿا ته جهڙيءَ طرح ملاح ٻيڙي وٺي درياه جي ڪناري تي بيهي آواز ڏيندو آهي ته جنهن کي لهرن کان بچي پار پهچڻو هجي اهو اچي منهنجي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي. جيڪي خوش قسمت ان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندا آهن اُهي درياه جي ڇولين کان بچي وڃي درياه جي پار پهچندا آهن. جيڪي اُن ڪشتيءَ ۾ پير نه پائيندا آهن اُهي اورڻءَ پر ئي رهجي ويندا آهن. ساڳيءَ ريت گورمک سڄڻ نام جو جهاز وٺي ايندا آهن. جيڪو هنن جي هدايت انوسار

جڏهن اسين انهن خواهشن مان تنگ ٿي پرماتما کان پرماتما گهرڻ شروع ٿا ڪريون تڏهن هو اسان تي ديا مهر ڪري، اسان تي بخشش ڪري اسان کي پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو. ڇاڪاڻ ته من خواهشون ڪندو ئي رهي ٿو، انهيءَ سوامي جي مهاراج جن سمجهائين ٿا ته اسان جو من ڪوٽي مت وارو آهي. هي اسانکي گورمکن جي شرن حاصل ڪرڻ نٿو ڏئي، اسان کي پنهنجو پاڻ انهن جي حوالي ڪرڻ نٿو ڏئي. شرابن ڪبابن مان اسانجو خيال ڪڍڻ نٿو ڏئي ۽ اِندرين جي ڀوڳن کان باز نٿو اچي. جنهن من کي شبد پڪڙڻو آهي سو ته ڪام ڪروڌ جي لهرن ۾ وهي رهيو آهي، پٽن ڌيئن جي پيار ۾ اُلجهيو پيو آهي. قومن، مذهبن ۽ ملڪ جي ڀيڳتيءَ ۾ لڳو پيو آهي. سو جيستائين اسين پنهنجي خيال کي انهن مان سميٽي اکين جي پويان ٽيسري تل ۾ ڪٺو نه ڪنداسين تيستائين اسين شبد سان ڪيئن جڙي سگهنداسين؟

تم مانو مت اِس کا کهنا،
اِس کي سنگ جگت بيچ گرنا.

جي اسين من جي تابع رهنداسين، من کي پنهنجو گورو، ڀير ۽ مالڪ سمجهنداسين ته سوامي جن فرمائين ٿا ته من جي آڌين ٿي وري هن دنيا ۾ اچڻو پوندو ۽ ڪال جي جار ۾ ڦاٿل رهبو. انهيءَ ڪري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"بابا جگ ڦاٿا مها جال"

اسين دنيا جا جيو نهايت بري طرح ڪال جي جار ۾ ڦاٿا پيا آهيون. پرماتما جو ڪنهنکي پتوئي ڪونهي، پرماتما جي ڀيڳتيءَ طرف ڪنهن جو خيال ئي ڪونهي. وشيه وڪارن شرابن ڪبابن ۽ اِندرين جي ڀوڳن مان اسان کي فرصت ئي ڪانه ٿي ملي. اڳين ڪرمن جو نتيجو هيئنر ڀوڳي رهيا

شبد کي نٿي پڪڙي اسين من مت تي هلي رهيا آهيون ۽ جيسين من مت تي هلنداسين تيسين اسان جو چوراسيءَ جي ڦيرن مان ڪڏهن به ڇوٽڪارو ڪونه ٿي سگهندو.

پيهه متمند گهي نهين سرنا،
لوپ بڙهايه آدر کو پرنا.

من جي ڇٽي ڇو نه لڳجي؟ سوامي جن فرمائين ٿا ته هي اسانجو من ڪوٺي بنديءَ وارو آهي. اول ته هي اسانکي گورمکن جي سنگت ۽ صحبت ڪرڻ ئي نٿو ڏئي. پر جي اسين صحبت ڪريون به ٿا ته مٿن ڀروسو ۽ وشواس ئي نٿو رکڻ ڏئي. جي ڪنهن حد تائين يقين اچي به ٿو وڃي ته وري اسان جي خيال کي نام جي طرف وڃڻ نٿو ڏئي. اسين خواهشون ۽ ترشنائون کڻي گورمکن وٽ وڃون ٿا ۽ جي اُهي پوريون نٿيون ٿين ته من ۾ اَپاءُ اچي ٿو وڃي ۽ پوءِ اسين ڀڳتي ڪرڻ يا نام جي ڪمائي ڪرڻ ئي ڇڏي ڏيندا آهيون. اسانجو من ته هميشه خواهشن ۽ ترشنائن ۾ ڦاٿل ئي رهي ٿو. اڄ تائين نه ڪنهنجون سڀ خواهشون پوريون ٿيون آهن ۽ نڪي ٿي سگهن ٿيون. پر جيڪي جيڪي خواهشون اسين ڪريون ٿا اُهي سڀ پوريون ڪرڻ لاءِ اسانکي بار بار جنم وٺڻو پوندو. ان باري ۾ گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”ديندا دي ليندي ٿڪ پاءِ.“

پرماتما ڏيڻي ڪڏهن به ٿڪجي نٿو، اسين ئي وٺي وٺي ٿڪجي پئون ٿا. پرماتما جي اڳيان رات ڏينهن جيڪي به ارداسون ڪريون ٿا، جيڪي ڪجهه پرماتما کان گهرون ٿا جيڪڏهن هن جنم ۾ اُهي خواهشون پوريون نٿيون ٿين ته انهنکي پوري ڪرڻ لاءِ پرماتما وري اسانکي جنم ٿو ڏئي. وري خواهشون ڪريون ٿا وري مالڪ جنم ڏيئي ٿو.

ڪريون ٿا اُنهن جو ذڪر پڻ ٿيندو ٿي وڃي ٿو ڇو جو من آرام سان نه وهي ٿي سگهي ٿو، ڪنهن نه ڪنهن جي باري ۾ سوچيندو ئي رهي ٿو. چڱيءَ طرح غور ڪري ڏسو ته جنهن چيز جي متعلق اسين سوچيون ٿا اُن جي شڪل به اکين سامهون اچيو بيهي. اولاد جي خيال ڪرڻ سان اولاد جي شڪل اکين اڳيان اچيو بيهي، گراهڪن جو خيال ڪرڻ سان اُنهن جي صورت اچيو آڏو بيهي ۽ جن جو سمرڻ ٿا ڪريون اُنهن جو ڌيان به من ۾ پڪو ٿيو پوي ۽ جن جو سمرڻ ڌيان من ۾ جمي ٿو وڃي تن سان قدرتي موھ ۽ پيار پيدا ٿئي ٿو. اُنهن جون ئي شڪليون موت جي وقت سنيما جي پردي وانگر اسان جي اکين جي اڳيان ڦرڻ شروع ڪن ٿيون ۽ "جهان آسا تهان باسا." مطلب ته جنهن پاسي موت وقت اسان جو خيال رهي ٿو، اسين دنيا جا جيو اُنهيءَ ئي وهڪ ۾ وهي ٿا وڃون. سو اهو دنيا جي فنا ۽ ناسونت چيزن جو سمرڻ ۽ ڌيان آهي جو اسان کي بار بار چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ ڇڪي ٿو اچي. سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا ته پهريون ڏاڪو آهي سمرڻ، سو سمرڻ ڪرڻ جي عادت اسان سڀني کي آهي پر اسين فنا ۽ ناسونت چيزن جو سمرڻ ڪندا رهون ٿا. اُنهيءَ عادت جو فائدو وٺي پرماتما جي نام جو سمرڻ ڪرڻ کپي، جيڪو ڪڏهن به فنا ۽ ناس نٿو ٿئي. گورو صاحب اُپديش ڪن ٿا:

"نهچل ايڪ آپ اُبناسي،
سو نهچل جو تسي ڌيائندا."

پرماتما نهچل آهي، هو ڪڏهن به جنم مرڻ جي دکن ۾ نٿو اچي ۽ جيڪو اُنهيءَ پرماتما جي نام جو سمرڻ ڪري ٿو سو به نهچل ٿيو پوي ۽ اُن جو به جنم مرڻ جي دکن کان

آهيون ۽ وري ٻن ۽ ڪوڙن ڪرمن ڪرڻ ۾ رات ڏينهن لڳا
پيا آهيون ۽ انهن ۾ غلطان آهيون. اُنهن ڪرمن جو نتيجو ڀوڳڻ
واسطي وري چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ واپس اچڻو پوندو.
لنهنڪري سوامي جي مهاراج جن اُپديش ڪن ٿا ته جي اسين
من جي تابع رهنداسين ته هن چوراسيءَ جي ٻنڌنن مان اسان
جو ڪڏهن به ڇوٽڪارو نه ٿي سگهندو ۽ جي اسين نام سان
پيار ڪنداسين، جي اسين شبد ۾ لين رهنداسين ته جتان اهو
شبد اچي رهيو آهي اسين به اُنهيءَ جي سهاري اُتي پهچي
ويندا سين. اهو شبد سچکنڊ مان پيو اچي ۽ رات ڏينهن اسان
جي اندر پيو وڄي. جڏهن اسين پاڻ کي شبد جي حوالي
ڪنداسين ته شبد اسان جي روح کي ڇڪي سچکنڊ وٺي
ويندو ۽ اسان جو جنم مرڻ ۽ ديهه جي ٻنڌنن کان هميشه
واسطي ڇوٽڪارو ٿي ويندو.

اِس مورکه کو سمجهه پکڙنا،
گور کي چرن کبهي نه بسرنا.

هاڻي سمجهائين ٿا ته اسان جو من مورکه آهي ڇاڪاڻ ته
پنهنجو فائدو نٿو سوچي ۽ ڪال جي جار ۾ ڦاسي دکي ٿي
رهيو آهي. اُنهيءَ ڪري اسان کي هوشياري ۽ عقلمنديءَ
سان من کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي. من جو دنيا
۾ ڦاٿو پيو آهي سو ڪيئن قابو ايندو؟ اسان کي مهاتمائن
جي اُپديش انوسار سمرن جي ذريعي اُنهيءَ من کي ٽيسري
تل ۾ ايڪاگر ڪرڻ کپي. توهين ڏسو، جسم جي اندر سوچڻ
۽ ويچار ڪرڻ جو مرڪز اسان جي اکين جي پويان آهي ۽
اُتان ئي خيال نون دوارن جي ذريعي دنيا ۾ ڦهلجي رهيو
آهي. اسان جو خيال ڪيئن ٿو دنيا ۾ ڦهلجي؟ دنيا جي
ناسونت ۽ فنا چيزن جو سمرن ڪري ۽ جن چيزن جو سمرن

واسطي ڪل ڪائنات کي اکين اڳيان ڪڙو ڪري ڏسون ته ڪهڙي چيز اسانجي ڏيان جي قابل آهي؟ ڪنهنجي سروپ جي ڏيان ذريعي اسين پنهنجي خيال کي ايڪاگر ڪريون؟ توهين ڏسو، جيڪي به دنيا جون چيزون آهن، سي پنجن تتن جون ٺهيل آهن يعني پرٿوي، پاڻي، اگني، هوا ۽ آڪاش. هر هڪ جي اندر انهن مان ڪو نه ڪو تت موجود هوندو آهي. انسان جي اندر پنجئي تت موجود آهن، انڪري انسان کي پنجن تتن جو پتلو چيو ويندو آهي. مهاتمائن انسان کي سرشٽيءَ ۾ سڀ کان اوچي جوڻ Top of the Creation يا اشرف المخلوقات ڪري بيان ڪيو آهي.

سرشٽيءَ جي رچنا ۾ پهريون ڪلاس انهن جو آهي جن ۾ صرف پاڻيءَ جو تت هوندو آهي، مثال طور ٻاجهيون، گاهه ڦل وغيره. جيڪڏهن اسين پنجن تتن جا پتلا تلسيءَ جي پنن، گاهه يا ٻاجهين جو ڌيان ڪرڻ شروع ڪنداسين ته توهين خود سوچيو ته اسين هيٺ ڪرنداسين يا ترقي ڪنداسين، ڇو جو "جهان آسا تهان باسا." جنهنجو اسين ڌيان ڌريندا سين، مؤت کان پوءِ اسان کي اُن جي شڪل اختيار ڪرڻي پوندي. تنهنڪري اُهي وڻ ٽڻ وغيره اسانجي ڌيان ڪرڻ جي قابل نه ٿيا. ٻيو ڪلاس نانگن ۽ وڇن جو آهي جن جي اندر اگني ۽ پرٿوي، ٻه تت موجود آهن. اُهي به اسانجي ڌيان ڪرڻ جي قابل نه رهيا. ٽيون ڪلاس پکين جو آهي جن ۾ ٽي تت هوندا آهن، اسانجي اندر پنج تت آهن ۽ جي اسين پنجن تتن جا پتلا ٿي ڪري گرڙن، ڪبوترن، جهرڪين وغيره جو ڌيان ڪرڻ شروع ڪنداسين ته انهن جو ٽين ۾ وڃڻو پوندو ۽ اڳتي ترقي نه ٿيندي. چوٿون ڪلاس چوپاين جانورن جو آهي جن ۾ ٻيا چار تت موجود آهن، پر

ڇو ٽڪارو ٿيو پوي. اُنهيءَ ڪري اسانکي پرماتما جي نام جو سمرڻ اکين جي پويان خيال کي ٽڪائي ڪرڻ کپي. سمرڻ ڪرڻ سان اسانجو خيال پيرن جي ترين کان سميٽجي مٿي ايندو. ننڍي کان ننڍو بالڪ ۽ ٻڍي کان ٻڍو انسان به سمرڻ ڪري سگهي ٿو. توهين خود ڏسو ته اسين موٽون گاڏين ۾ جڏهن سفر ڪريون ٿا ته اسان جو من هر وقت سوچيندو رهي ٿو، دليلبازي ڪندو رهي ٿو. اسين پنهنجي من کي سمرڻ ۾ لڳائي سگهون ٿا. هاري هر هلائيندي يا نار وهائيندي سمرڻ ڪري سگهي ٿو. سو سمرڻ ڪرڻ جي اسان کي اهڙي عادت هڻڻ کپي جو جڏهن هڪ ٻئي سان ڳالهايون ٻولهايون ته به نام جو سمرڻ اندر جاري رهي. اهو سمرڻ ئي آهي جنهن دوارا اسين پنهنجي ڦهليل خيال کي اکين جي پويان تيسري تل ۾ ايڪاگر ڪري سگهون ٿا. جڏهن انهيءَ نقطي تي خيال ڪٺو ٿيڻ شروع ٿئي ته پوءِ ڪهڙي ساڌن جي ضرورت آهي، اُن کي سوامي جي مهاراج جي اڳتي بيان ڪن ٿا.

گورو کا روپ نئين ۾ ڌرنا.
سرت شبد سي نڀ پر چڙهنا.

جڏهن اسين پنهنجي خيال کي شو نيترو ۾ آڻيندا اسين ته اُتي من کي ٽڪائڻ واسطي گورمکن جي ڌيان جي ضرورت پوندي ڇاڪاڻ ته اسانجي خيال کي بار بار هيٺ نون دوارن ۾ ڪرڻ جي عادت پيل آهي. سو گورمکن جي سروپ جي ڌيان ڪرڻ سان خيال کي اُتي ٽڪڻ جي عادت پوي ٿي. من ۾ خيال ضرور اُٿي ٿو ته گورمکن جي سروپ جو ڌيان ڇو ڪجي؟ ڌيان بنا ته خيال ٽڪندو ڪونه. هاڻي سوال ٿو اُٿي ته پوءِ ڪنهنجو ڌيان ڪجي؟ انهيءَ بابت سوچڻ

جو جيڪو اعليٰ سروپ آهي اهو شبد آهي، نام آهي. اڳتي گورو صاحب فرمائين ٿا:

”هر ڪا سيوڪ سو هر جيها،
ڀيد نه جاڻو مانس ديها.“

جيڪي مالڪ جا ڀڳت ۽ پيارا هوندا آهن اُهي مالڪ جي ڀڳتي ڪري مالڪ جو روپ ٿي ويندا آهن. انهن جي اندر ۽ پرماتما جي اندر ڪو به ڀين ڀيد يا فرق نه ٿيندو آهي. انهن جو پرماتما سان ڪهڙو تعلق هوندو آهي؟

”جيون جل ترنگ اُٿي بهه پاڻي،
ڦر ساڻي ساسل سمائندا.“

جهڙيءَ ريت پاڻيءَ ۾ به چار منٽ لهرون اُٿنديون آهن ۽ وري پاڻيءَ ۾ ئي سمائجي وينديون آهن، اهڙيءَ طرح جيڪو لهر جو سمنڊ سان رشتو آهي اهڙو ئي گورمکن جو پرماتما سان رشتو آهي. جيڪڏهن ڪا چيز لوهين لهر جي سپرد ڪندا ته لهر سان گڏ اها چيز به سمنڊ جي تري ۾ سمائجي ويندي. اهڙيءَ طرح جي اسين گورمکن جو ڏامن ڌري، پنهنجو پاڻ انهن جي حوالي ڪنداسين ته اسين به هنن جي پيار سبب ست نام جي سمنڊ ۾ سمائجي ويندا سين ڇو جو هو ست نام جي سمنڊ ۾ لين ٿيا آهن. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”اِڪو اَمر اِڪا پاتشاهي جگ جگ سرڪار بڻائي هيءَ.“

اُهو پرماتما هڪ آهي جو سڀني جو داتا ۽ بادشاه آهي. سنت مهاتمائون هن جون موڪليل سرڪارون آهن جيڪي هر هڪ جڳه ۾ اچن ٿيون. اُهي مالڪ جي حڪم سان اچن ٿيون، مالڪ جي حڪم جو پرچار ڪن ٿيون ۽ واپس وڃي اُنهيءَ حڪم ۾ ئي سمائجن ٿيون. اسان ڪي اُنهيءَ

عقل ۽ ٻڌي ڪونهي. جي اسين ڳالهيون ميٺهن ۽ ٻهوڙن وغيره جو ٻوليون ڪنداسين ته به هيئت ڪرينداسين. پنهجون ڪلاس انسان جو خود آهي. هاڻي من ۾ خيال ضرور اچي ٿو ته انسان انسان جو ٻوليون ڇو ڏي، خاص ڪري اڄ ڪلهه جي زماني ۾ جڏهن اسان سڀني جا حق ساڳيا آهن. حضور مهاراج جن هڪ سندر مثال ڏيئي اسانکي سمجهائيندا هئا ته جيڪڏهن اسين ڪنهن ڪمري ۾ گهٽيئي ريڊيا رکون جي ٻلي يا ٻڪري سان ڄاڻل نه هجن ته پوءِ اسين ڪنهن به ملڪ جون خبرون نه ٻڌي سگهنداسين. پر جي اُنهن کي ٻلي يا ٻڪري سان جوڙيو ته پوءِ اسين جنهن ملڪ جون چاهيون، خبرون ٻڌي سگهنداسين. تنهنڪري اسانکي اُنهن گورمکن کي ڳوليو آهي جن جي لنؤ پرماتما جي چرنن ۾ لڳل آهي. اسان کي اهڙن گورمکن جو ٻيان ڪرڻو آهي ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي پيار سبب وڃي مالڪ سان مليل ٿا ۽ اسين به هنن سان پريم ڪري وڃي مالڪ سان ملنداسين. اهڙن گورمکن جو اصلي سروپ شبد يا نام ٿيندو آهي.

انسان جو گورو صرف انسان ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته ڳالهيون ميٺهن جي ٻولي اسان جي سمجهه ۾ نٿي اچي ۽ ديوي ديوتائن کي اسان ڪڏهن ڏٺو ڪونهي. گورمک سچ شبد يا نام مان ٿي اچن ٿا، شبد يا نام جو ٿي هوڪو ڏين ٿا ۽ واپس وڃي شبد يا نام ۾ ٿي سمائجن ٿا. اسانجو اصلي گورو شبد آهي، نام آهي ۽ گورمکن جو جيڪو اصلي روپ آهي اهو به شبد آهي، نام آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"باڻي گورو گورو هيءَ باڻي."

باڻي ئي اسان جو گورو آهي ۽ گوروءَ جو اصلي سروپ به باڻي آهي. گورو نانڪ صاحب جن جو اشارو انهيءَ باڻيءَ ڏانهن آهي جا سچي باڻي آهي، شبد آهي، نام آهي. ان لاءِ گورمکن

پنهنجي پيار ۾ اچي اُن پرماتما جا ٻالڪ ٿيا آهن، اهڙي طرح
شري حضور سوامي جي مهاراج جن اُن ڪل مالڪ کي رادا
سوامي جي نالي سان ياد ڪيو آهي. رادا جو مطلب روح آهي ۽
سوامي جو مطلب آهي پتي. عام سنتن مهاتمائن اسان جي آتما
۽ پرماتما جي رشتي کي استري ۽ پتي جو رشتو بيان ڪري
سمجهايو آهي. سوامي جي مهاراج جن آتما کي رادا ڪوٺيو
آهي ۽ سوامي اُن مالڪ کي سڏيو آهي. جهڙي طرح پرماتما
جا ٻيا به ڪيترائي نالا آهن. هي ٻه به اُن پرماتما جو نالو
آهي. هي نڪا ڪا قوم آهي، نڪو ڪو مذهب آهي.
نڪي اسان کي سوامي جي مهاراج جن جي تعليم کي ڪنهن
قوم يا مذهب جي صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي،
ان لاءِ ته ساري دنيا هنن جي سکيا مان لاڀ وٺي سگهي.
مهاتما لوڪ هميشه روحانيت جو پرچار ڪندا آهن، نام جو
هوڪو ڏيندا آهن. اهي هتي ڪڏهن به ڪا قوم بڻائڻ
واسطي ڪين ايندا آهن، نڪي ڪو مذهب يا ملڪ بڻائڻ
ايندا آهن.

هن شبد ۾ سوامي جي مهاراج جن اسان کي تمام چڱيءَ
طرح سمجهائي اُپديش ڪيو آهي ته اسان کي پرماتما جي
ٻيگتي ڇو ڪرڻي آهي، پرماتما اسان کي هي انساني جامو
ڇو بخشيو آهي، ڪهڙي طرح اسين گمان ۽ اهنڪار ۾ اچي
پنهنجي قيمتي وقت کي وڃائي رهيا آهيون ۽
ڪهڙي طرح ڪام ڪروڌ جي لهرن ۾ وهي رهيا آهيون.
من ۾ ڇو نمرتا ۽ عاجزي رکڻ کپي، ڪهڙي ريت گورمکن
سان پريت ڪرڻ کپي. جيڪي نام جي ڪمائي ڪن ٿا انهن
کي اها ڪمائي اندر هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي،
من جو چوڻ ڇو ڪين مڃڻ کپي. گورمکن جي هدايت

ڪوي اگور مکن جو ڌيان ڪرڻو آهي ڇو جو هننجو جيڪو
اصلي روپ آهي سو شبد هوندو آهي، نام هوندو آهي.
اسانکي ڪنهنجي سروپ جو ڌيان ڪرڻو آهي؟ جن اسانکي
شبد جو ڀيد ڏنو آهي. جيڪڏهن اُهي مهاتما نام دان ڏيڻ
کانپوءِ ٻئي ڏينهن بہ چولو بدلائين ٿا تہ اسانکي انهن کانسواءِ
پنهنجي خيال کي ڪڏهن بہ نہ ڀٽڪائڻ کپي. اسانکي هميشه
پنهنجو خيال اُنهن جي طرف اُئي رکڻو آهي. اُهي اسان کي
نام ڏيئي بي فڪر نٿا ٿين، بلڪ اسان کي ڌر ڌام وٺي وڃڻ
جا ذميوار هوندا آهن. اسان کي پنهنجي خيال کي هميشه
اُنهن جي طرف رکڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ پنهنجي
ستگورن جي سروپ جو ڌيان ان لاءِ ڪرڻو آهي جو اُنهنجي
سروپ جي ڌيان ڌرڻ سان اسانجي خيال کي هٽي (ٽيسري
تل ۾) ٽڪڻ جي عادت پوي ٿي. سوامي جي مهاراج جن
فرمائين ٿا تہ پهرين پوڙي سمرن جي آهي. ٻي پوڙي ڌيان
ڌرڻ جي آهي. ٽين پوڙي ڪهڙي آهي؟ جڏهن ڌيان ڌرڻ
سان خيال ٽڪي ويندو تہ شبد اسان جي سرت کي کينچي
مالڪ جي طرف وٺي ويندو. ان لاءِ اسان کي سمرن جو ساڌن
ڪرڻو آهي، ڌيان جو بہ ساڌن ڪرڻو آهي ۽ سرت کي شبد
سان جوڙڻو آهي.

راڌا سوامي نام سمرنا،
جو وهہ ڪهين چت مين ڌرنا.

سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا تہ اسانکي پرماتما جي
نام جو سمرن ڪرڻ گهرجي، پرماتما جي نام طرف پنهنجي
ورتي رکڻ کپي.

راڌا سوامي نہ ڪنهن قوم جو نالو آهي ۽ نکي ڪنهن
مذهب جو. جهڙي ريت ٻين اَنيڪ مهاتمائن پنهنجي

ٿي ڇو ھلڻ کپي، سمرن ڪيئن ڪرڻ کپي، ڌيان ڪٿي رهڻ ڪپي، سرت کي شبد سان ڪٿي رهڻ جوڙڻو آهي.

ان ڪري اسان کي گهرجي ته سوامي جي مهاراج جن جي تعليم مان فائدو وٺي شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪريون ته اسان جي زندگيءَ جو مقصد پورو ٿي سگهي.

Published by : K. L. Khanna
Secretary Radha Soami Satsang
Beas (Punjab)

سڀ حق واسطا قائم

ٻيو نمونو] آگسٽ ١٩٧٦ [جلد ٥٠٠٠

Printed at the Sunder Printing Press,
Kaiserganj, Ajmer.